گوشهٔ سندھی:

# كتب خانو جي مختر تاريخ ۽ اهميت

ڊاڪٽر عبدالوحيد انيڙ☆

عرب وارا ڪتابن جو بيان ۽ ذڪر نهايت ادب ۽ احترام سان ڪن ٿا، ان ڏس ۾ هڪ شاعر چوي ٿو:

نعم الانيس اذا خلوت كتاب
تلهو به ان خانك الاحباب
لا مفشيا سرا اذا اسود عته
و تفاد منه حكمة و صواب(١)

جڏهن تون اڪيلو هجين ته ڪتاب تنهنجو بهترين دوست آهي. جيڪڏهن توسان دوست خيانت ڪن ته ان وقت اهو ئي توکي وندرائيندو. جيڪڏهن راز جي ڳالهه ان وٽ رکندين ته هو ڪڏهن به ان کي ظاهر نه ڪندو ۽ ان مان توکي عقلمندي ۽ سچائي حاصل ٿيندي. اهڙيءَ ريت هڪ ٻيو ماڻهو چوي ٿو:

ان الكتاب هو الجليس الذى لا ينافق
ولا يمل و لا يعتابك اذا جفوت و لا يفشى سرك.

ڪتاب هڪ اهڙو دوست آهي جيڪو ڪڏهن به منافقي نٿو ڪري ۽ جيڪڏهن تون ان سان ناروا برتاءُ ڪندين ته هو ناراض نه ٿيندو نه وري

---

☆ اسسٽنٽ پروفيسر گورنمنٽ ڪاليج سنڌ